قرآني بيان

اعلٰي حضرت

جو کامل ايمان

07 August 2026



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَتن پر بو بيان

مَدَني مرڪزن (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ اِمام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
7 آگسٽ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 23 صفر 1448ھ) جي جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

ٻيان

اعليٰ حضرت جو ڪامل ايمان

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... اعليٰ حضرت ۽ رَبَّاني تائيد
- ... جهاز ٻڏڻ کان بچي ويو (واقعو)
- ... موجوده دور جو سڀ کان وڏو مسئلو
- ... ڇا منهنجي دشمن سان دشمني ٻہ رکي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِيْ يَوْمِ الْجُمُعَةِ وَلَيْلَةِ الْجُمُعَةِ مِائَةَ مَرَّةٍ، قَضَى اللّٰهُ لَهٗ مِائَةَ حَاجَةٍ، سَبْعِيْنَ مِنْ حَوَائِجِ الْاٰخِرَةِ وَثَلَاثِيْنَ مِنْ حَوَائِجِ الدُّنْيَا

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن مون تي جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن 100 ڀيرا درود شريف پڙهيو، الله پاڪ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو، 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون.[1]

وِرد جس نے کیا درود شریف
اور دل سے پڑھا درود شریف
حاجتیں سب روا ہوئیں اس کی
ہے عجب کیمیا درود شریف[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...شعب الايمان، باب فى الصلوات، فضل الصلاة على النبى...الخ، جلد:3صفحه:111، حديث:3035۔
2...كافى كى نعت، صفحه:40۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

اُولٰٓىٕكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَ اَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ (سيپارو: 28، سورة المجادلة: 22)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللّٰه عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي پائرو! ◈ اعليٰ حضرت، شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه گذريل صديءَ جي تمام وڏي مرتبي واري هستي آهن ◈ پاڻ سنيُن جا امام آهن ◈ حق جي سچاڻپ آهن، سندن بابرڪت ذات اسلامي دنيا لاءِ تمام وڏي نعمت آهي ◈ جڏهن غير مسلم (Non-Muslims) اسلام جي خلاف سازشون ڪري رهيا هئا ◈ بدمذهبي عروج تي هئي ◈ بدعتون عام ٿي رهيون هيون ◈ مَعَاذَاللّٰه! قرآني آيتن جا مفهوم بدلائڻ جون ناپاڪ ڪوششون ڪيون پئي ويون ◈ اسلامي تعليمات (Islamic Teachings) کي بدلائڻ جي جرئت ڪئي پئي وئي ◈ انهن فتنن جي وقت ۾، الله پاڪ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي صورت ۾ اسلامي دنيا کي هڪ عظيم نعمت سان نوازيو، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مجدد بڻجي تشريف کڻي آيا ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ◈ پاڻ فتنن جو ڪنڌ ڪٽي ڇڏيو ◈ غير مسلمن جي سازشن کي ناڪام بڻايو ◈ بدمذهبيءَ جو زور ٽوڙيو ◈ بدعقيدگي جو خاتمو ڪيو ◈ اصل اسلامي عقيدن جي درست تشريح فرمائي ◈ اسلامي عقيدن تي ◈ اسلام جي اعليٰ تعليمات تي ◈ قرآن جي عزت ۽ حرمت تي ◈ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ ناموس

تي پهرو ڏنو ◈ بدعتن کي مٽايو ◈ سنتن کي عام ڪيو ◈ معاشري (Society) جي اصلاح فرمائي ◈ ماڻهن کي عشقِ رسول جا جام پري پري پياريا ۽ ◈ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! فتنن کي مٽائي دين جو جهنڊو بلند فرمائي ڇڏيو.

تُو نے باطِل کو مِٹایا اے امام احمد رضا!	دِین کا ڈَنکا بَجایا اے امام احمد رضا!
زور باطِل کا، ضَلالت کا تھا، جس دَم ہند میں	تُو مجدِّد بَن کے آیا، اے امام احمد رضا!
اہلِ سنّت کا چمن سر سبز تھا، شاداب تھا	تازگی تُو اور لایا، اے امام احمد رضا!
تُونے باطِل کو مِٹا کر دِین کو بخشی جِلا	سنّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمد رضا![1]

25 صفر شريف تي سندن عرس مبارڪ ٿيندو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول وڏي جوش ۽ جذبي سان پنهنجي امام، امامِ اهلسنت سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عرس پاڪ ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. الله پاڪ پنهنجي ولي ڪامل سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي اسان سيني تي رحمت جي نظر فرمائي، اسان کي عشقِ رسول جي دولت ملي، فتنن سان پرپور هن دور ۾ ايمان تي استقامت (Persistence) ۽ آخرت ۾ بنا حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخلا نصيب ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کیا خُوب اہتمام ہے، کیا اِنصرام ہے	یومِ رضا ہے چاروں طرف دُھوم دھام ہے

اچو! قرآنِ ڪريم جي هڪ آيت سگوري جي روشني ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ جا ڪجهه رخ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:525۔

آيتِ سڳوري جي مختصر وضاحت

اسان شروع ۾ سيپاري: 28، سورة المجادلہ جي آيت: 22 جو ڪجھ حصو بڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

أُولَٰئِكَ كَتَبَ فِي قُلُوبِهِمُ الْإِيمَانَ وَأَيَّدَهُم بِرُوحٍ مِّنْهُ (پاره: 28، سورة المجادلة: 22)

تَرْجَمو كَنْزُالْعِرْفَان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ اللہ ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف كان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

هي ڪامل ايمان وارن، وڏي مرتبي وارن عاشقانِ رسول جي شان جو بيان آهي، هن جاءِ تي 2 ڳالهيون ارشاد ٿيون آهن: (1): جيڪي بلند مرتبي وارا عاشقانِ رسول آهن، رب ڪريم انهن جي دل تي ايمان نقش فرمائي ڇڏيندو آهي (2): پنهنجي طرف كان هڪ روح (مثلاً روح القدس حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام) جي ذريعي، انهن جي خاص مدد ۽ تائيد فرمائيندو آهي.[1]

سيرتِ رضا جو خلاصو

پيارا اسلامي پائرو! هي آيتِ سڳوري جو اهو حصو آهي، جنهن مان اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي تاريخ ولادت نڪتل آهي، يعني سندن ولادت جو سال آهي: 1272 ۽ آيت سڳوري جي هن حصي جا جيڪي عدد (انگ) آهن اهي به 1272 آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه! اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ کي ڏسجي ته هن آيت سڳوري جو پورو پورو فيضان سندن ذات ۾ نظر اچي ٿو، جيڪڏهن چيو وڃي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي 68 سالہ زندگي مبارڪ کي هڪ جملي ۾ بيان ڪيو! ته اهو پوري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته:

1...تفسير قرطبی، پاره:28، المجادله، زير آيت:22، جلد:9، جز:17، صفحه:192 ملتقطًا۔

اُولٰٓىِٕكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَ اَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ. (پاره: 28، سورة المجادلة: 22)

تَرْجَمو كَنْزُالْعِرْفَان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

يعني اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه انهن پاڪ هستين مان هڪ آهن، جن جي دل تي الله پاڪ ايمان نقش فرمائي ڇڏيو آهي ۽ سندن خاص مدد ۽ تائيد فرمائي آهي.

اَلْحَمْدُلله! هي ٻئي وصف (1): مضبوط ايمان (2): تائيدِ رباني (يعني الله پاڪ جي خاص مدد ۽ نصرت) سندن سيرتِ پاڪ ۾ ڳڙوڳڙ هلن ٿا، توهان هي آيتِ سڳوري پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! پوءِ حياتِ رضا کي پڙهڻ شروع ڪريو! اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! هڪ هڪ صفحو پڙهندا ويندا، هن آيت سڳوري جو فيضان سندن مبارڪ ذات ۾ ڏسندا ويندا.

اعليٰ حضرت ۽ تائيدِ رباني

◈ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي عمر مبارڪ صرف 4 سال هئي، اسان وٽ عام طور تي 4 سالن جي ٻار کي صحيح ڳالهائڻ به نه ايندو آهي، اڪثر ٻار ٻاتا هوندا آهن، بلڪ کي ته هن عمر ۾ فيدر پيئندا آهن پر اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه 4 سالن جي عمر مبارڪ ۾ ناظره قرآنِ ڪريم مڪمل ڪري چڪا هئا. ◈ عام طور تي 6 کان 7 سالن جي ٻارن جا ڪير جا ڏند ٽٽڻ شروع ٿيندا آهن، اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ان عمر ۾ مجمع جي سامهون عالمن ۽ مشائخن جي موجودگي ۾ تقرير فرمائي رهيا هئا. ◈ 8 سالن جو ٻار هجي، ان کي ڪٿي گڏ وڃي وڃڻو هجي ته ان کي باقاعده سمجهائڻو پوندو آهي ته پٽ! اتي وڃي هي نه ڪجانءِ، هونئن نه ڪجانءِ، پر اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي عمر مبارڪ

8 سال هئي، جڏهن پاڻ درسِ نظامي ۾ پڙهائي ويندڙ عربي ڪتاب تي عربي بوليءَ ۾ حاشيو لکي رهيا هئا.[1] 13 سال، 10 مهينا ۽ 4 ڏينهن جي عمر مبارڪ ۾ پاڻ پهرين فتويٰ لکي ۽ باقاعده مفتي جي مسند تي جلوه افروز ٿيا.[2] 22 سالن جي عمر مبارڪ هئي، جڏهن پاڻ شاهه آلِ رسول رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي خدمت ۾ بيعت لاءِ حاضر ٿيا. شاهه آلِ رسول رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو انداز مبارڪ هو ته جيڪو به بيعت ٿيڻ ايندو هو ته ان کي ڪيترن ئي سالن تائين مجاهدا ۽ رياضتون ڪرائيندا هئا، پر قربان وڃجي! اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه 22 سالن جو نوجوان آهي، جڏهن شاهه آلِ رسول رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي خدمت ۾ پهتا ته پاڻ ڏسندي ئي فرمايو: اچو! اسان ته ڪيترن ئي ڏينهن کان انتظار ڪري رهيا هئاسين.[3] پوءِ پهرين ئي ملاقات ۾ پاڻ پنهنجي لائق ۽ نئين مريد کي خلافت به عطا فرمائي ڇڏي، ٻيا مريد حيران هئا ته هن آستاني تان خلافت حاصل ڪرڻ ايترو آسان ناهي، ڪيترن ئي سالن جي محنت ٿيندي آهي، تڏهن اها نعمت ملندي آهي، احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِتي ايتري عنايت چو جڏهن پير صاحب کان ان جي حڪمت پچا ڪئي وئي ته سندن اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، پوءِ فرمايائون: توهان احمد رضا کي نٿا ڄاڻو...! پوءِ فرمايائون: مان فڪرمند هئس ته جيڪڏهن الله پاڪ قيامت جي ڏينهن فرمايو: اي آلِ رسول! تون دنيا مان اسان لاءِ ڇا کڻي آيو آهين؟ ته مان ڇا جواب ڏيندس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ اهو فڪر ختم ٿي ويو. هاڻي جيڪڏهن الله پاڪ مون کان پڇيو ته آلِ رسول! دنيا مان ڇا کڻي آيو آهين؟ ته مان مولانا احمد رضا کي پيش ڪري ڇڏيندس.

1...فيضان اعلى حضرت ، صفحه:85و 86 ملتقطًا خلاصةً۔

2...حيات اعلى حضرت، صفحه:171۔

3...فيضان اعلى حضرت، صفحه:316۔

روزِ محشر اگر مجھ سے پوچھے خُدا | بول آلِ رسول تُو لایا ہے کیا
عرض کر دوں گا لایا ہوں احمد رضا | یاخُدا یہ امانت سلامت رہے
مسلکِ اعلیٰ حضرت سلامت رہے

شاھ آلِ رسول رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايو: باقي حضرات زنگ لڳل دليون ڪٽي ايندا آهن، انهن کي تيار ڪرڻو پوندو آهي، احمد رضا صاف ۽ شفاف دل ڪٽي بلڪل تيار ٿي آيا آهن، کين صرف نسبت جي ضرورت هئي.[1]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! اندازو لڳايو! دل جي مڪمل پاڪيزگي ۽ ڪامل صفائي گهرجي ته صوفياءِ ڪرام فرمايو آهي ته ان لاءِ 80 سالن جي محنت گهربل هوندي آهي،[2] پر هتي هڪ 22 سالن جو نوجوان وقت جي اعليٰ مرتبي واري ولي الله کان اجازت ۽ خلافت حاصل ڪري رهيو آهي، پيرِ ڪامل جو رتبو ماڻي رهيو آهي، هي الله پاڪ جي خاص مدد ۽ عنايت ناهي ته پوءِ ٻيو ڇا آهي...؟

بولے مرشد یہ مُصَفّٰی قلب لے کر آئے ہیں | یہ تو زُہدو اَتْقا کے بَن کے پیکر آئے ہیں
دل اگر مَیْلا رہے تو ہے صفائی ناگُزیر | اِن کا دل ہے پاک اور روشن ہے پہلے سے ضمیر
صرف نسبت کی اِنہیں حاجت تھی نسبت مِل گئی | غوثِ اعظم کی غُلامی کی سعادت مِل گئی

اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي مبارڪ زندگيءَ جو هي به ڪمال ڏسو ته پاڻ 105 علوم تي ڪامل مهارت رکندا هئا ۽ مهارت به اهڙي جو زماني جا وڏا وڏا

1... فيضان اعلى حضرت، صفحه:317خلاصةً۔
2...ملفوظات اعلى حضرت، صفحه:59۔

عالم ۾ مشائخ پري پري كان اڇي سندن شاگردي اختيار كندا هئا. جڏهن پاڻ ٻيو ڀيرو حج لاءِ ويا تہ پري پري كان آيل عرب عالم سڳورا سندن كان علمِ حديث جون اجازتون وٺي رهيا هئا. هك ڀيري هك عربي عالمِ دين سفر كري سندن وٽ بريلي آيو ۽ شاگردي اختيار كيائين. پاڻ اهڙي مهارت ركندا هئا ۽ اها مهارت صرف هك علم ۾ نہ پر 105 علمو ۾ هئي. هي زبان سان چوڻ ۽ ٻڌڻ آسان آهي، پر جيكي ماڻهو PhD كندا آهن، ٿورو انهن كان پڇو! پي ايچ ڈي (PhD) كندي كندي انسان جا وار اڇا ٿي ويندا آهن، شايد پي ايچ ڈي جي كلاس ۾ هك بہ 30 سالن كان گهٽ عمر وارو نہ ملي سگهي. هي هك علم ۾ پي ايچ ڈي كرڻ جو عرصو آهي، پر اعليٰ حضرت جو شان ڏسو! هك نہ پر 105 علوم ۾ اهڙي مهارت ركندا هئا جڏ تہ هر علم ۾ الڳ الڳ پي ايچ ڈي كيل هجين. صرف 68 سال دنيا ۾ گذارڻ وارو شخص ايترن علوم تي ايڈي كامل مهارت كيئن حاصل كري سگهي ٿو؟ عقل حيران ٿي وڃي ٿو، آخر ائين ئي چوٽو پوي ٿو تہ سندن تي اللہ پاك جون خاص عنايتون هيون، بي صورت ۾ اهڙا كارناما اللہ پاك جي خاص مدد كان سواءِ ممكن ناهن.

اعليٰ حضرت جو كامل ايمان

هاڻي ٿورو كامل ايمان كي ڏسو! پاڻ فرمائن ٿا: جيكڏهن منهنجي دل جا بہ ٽكرا كيا وڃن تہ هك تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه ۽ ٻئي تي مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه لكيل هوندو.[1]

خُدا ایک پر ہو تو اِک پر مُحَمَّد | اگر قلب اپنا دو پارا کروں میں[2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! سندن كامل ايمان جو كيڏو نہ شان آهي. هُونئن تہ پاڻ تمام

1...سوانح امام احمد رضا، صفحہ:94۔
2...سامانِ بخشش، صفحہ:153۔

گهٽي عاجزي ڪرڻ وارا هئا پر هن موقعي تي تحديثِ نعمت (نعمت جي اظهار) طور ڇڻ پاڻ ٻڌائي رهيا هئا تہ مون تي ربِ رحمٰن جو احسان آهي تہ منهنجي دل تي ايمان نقش ڪيو ويو آهي.

مان تارا بنائڻ واري کي ڏسي رهيو آهيان

واقعو تمام مشهور آهي، هڪ پيري هڪ صاحب حاضر ٿيو، جيڪو علمِ نجوم ۾ وڏي مهارت رکندو هو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ پڇيو: فرمايو! بارش جو ڇا اندازو آهي؟ ڪڏهن ٿيندي؟ نجومي صاحب پنهنجي علم مطابق لکيرون وغيره ڪڍيون، زائچو ٻڌايو، سڀ حساب ڪتاب لڳائڻ کان پوءِ چيائين: هن مهيني ۾ بارش ناهي، ايندڙ مهيني ٿيندي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ وڏي اطمينان ۽ يقين سان فرمايو: اللہ پاڪ کي سڀ قدرت حاصل آهي، هو چاهي تہ اڄ ئي بارش ٿي وڃي. نجومي صاحب کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، چيائين: ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ توهان بہ تہ علمِ نجوم ڄاڻو ٿا، ستارن جي چال کي تہ ڏسو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ ڪيس سمجهائڻ جو آسان انداز اختيار ڪيو، سامهون گهڙي لڳل هئي، پاڻ پڇيائون: ٻڌايو! هن وقت ڪيترا وڳا آهن؟ نجومي صاحب چيو: سوا يارنهن. پڇيائون: ٻارهن وڄڻ ۾ ڪيترو وقت آهي؟ چيائين: پورو منو ڪلاڪ (45 منٽ). اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ اٽيا ۽ هٿ سان وڏي سئي کي ڦيرائي ڇڏيو، فوراً ٻارهن ٿي ويا. فرمايائون: توهان تہ چيو هو تہ مني ڪلاڪ کان پوءِ ٻارهن وڄندا، هي تہ هاڻي وڄي ويا. نجومي صاحب چيو: توهان سئي ڦيرائي، نہ تہ نہ وڄن ها. فرمايائون: مان بہ تہ اهو ئي چوان ٿو، توهان ستارن کي ڏسي رهيا آهيو، مان ستارن کي بڻائڻ واري جي قدرت کي ڏسان ٿو، هو جنهن ستاري کي جيئن چاهي ڦيرائي ڇڏي، اهو ربِ

قادر ۽ قيوم چاهي تہ هڪ مهينو تہ پري جي ڳالهہ آهي، هن وقت ئي بارش وسائي ڇڏي. بس سندن زبان مبارڪ مان ايترو نڪرڻ ئي هو تہ ڪکر اسري آيا ۽ بارش وسڻ شروع ٿي وئي.[1]

سُبْحٰنَ اللہ! هي آهي:

اُولٰٓىِٕكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَ اَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ. (پاره: 28، سورة المجادلة: 22)

تَرْجَمو كَنْزُالْعِرْفَان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

جو فيضان...!! اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ ڪيڏي نہ ڪامل ايمان وارا هئا، پاڻ تارن کي نہ پر تارا بڻائڻ واري جي قدرت تي نظر رکي رهيا هئا، گڏوگڏ الله پاڪ جي خاص تائيد ۽ نصرت ڏسو! هِن پاسي سندن زبان مبارڪ مان لفظ نڪتا، هُن پاسي بارش وسڻ شروع ٿي وئي.

اي الله! طبيب کي ڪوڙو ۽ حبيب کي سچو ڪري ڇڏ

هڪ پيري ائين ٿيو تہ هند ۾ طاعون جي بيماري پکڙجي وئي، هيءَ تمام خطرناڪ ۽ موتمار بيماري هوندي آهي. ان دوران اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ به بيمار ٿي ويا، سخت بخار، کن جي پويان ڳوڙهيون ۽ مهارون سڄي ويون ، ڳالهائڻ ۽ کائڻ پيئڻ ڏکيو ٿي ويو. طبيب کي گهرايو ويو، جنهن معائنو ڪيو ۽ چگيءَ ريت ڏسڻ کان پوءِ 7 کان 8 پيرا چيائين: هي اهو ئي آهي، هي اهو ئي آهي يعني طاعون جو مرض آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: مان

1...فيضانِ اعلى حضرت، صفحہ:132۔

ڳالهائي ته نه پئي سگهيس، البته! دل سان پڪو يقين هيم ته نه مون کي طاعون آهي، نه ڪڏهن ٿيندو.

اهو يقين پاڻ کي ڇو هو؟ ان ڪري جو حديثِ پاڪ ۾ هڪ دعا سيکاري وئي آهي ۽ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشادِ پاڪ آهي ته جيڪو ٻانهو ڪنهن مصيبت واري کي ڏسي هيءَ دعا پڙهندو، اهو ان مصيبت کان محفوظ رهندو. اها دعا هيءَ آهي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ عَافَانِیْ مِمَّا ابْتَلَاكَ بِهٖ وَفَضَّلَنِیْ عَلٰى كَثِیْرٍ مِّمَّنْ خَلَقَ تَفْضِیْلًا

(ترجمو: الله پاڪ جو شڪر آهي، جنهن مون کي ان مصيبت کان عافيت ڏني، جنهن ۾ توکي مبتلا ڪيو ۽ مون کي پنهنجي گهڻي مخلوق تي فضيلت ڏني.)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: مان طاعون واري مريض کي ڏسي اها دعا پڙهي چڪو هئس، ان ڪري مون کي پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمان تي پورو يقين هو ته مون کي ڪڏهن به طاعون نٿو ٿي سگهي. فرمائن ٿا: رات جو وقت هو، بيماري شدت تي هئي، درد سخت ٿي رهيو هو، مون دل ئي دل ۾ دعا گهري: اَللّٰهُمَّ صَدِّقِ الْحَبِیْبَ وَكَذِّبِ الطَّبِیْبَ اي الله پاڪ! حبيبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جو سچو هجڻ ۽ طبيب جو ڪوڙو هجڻ ظاهر فرمائي ڇڏ. اڃا اها دعا گهري ئي هئي ته ڪن ۾ آواز آيو: مسواڪ (ڏندڻ) ۽ ڪارا مرچ. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ڪارا مرچ پيهي ان سان مسواڪ ڪيم، الله پاڪ شفا عطا فرمائي ڇڏي.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نه ڪمال آهي...!! هڪ طرف سنڊن ڪامل ايمان آهي جو محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمان تي يقين رکندي، ڊاڪٽر جي تشخيص جو

1...ملفوظات اعلیٰ حضرت، صفحہ:69 و71 ملتقطًا خلاصۃً۔

انڪار ڪري رهيا آهن، ٻئي طرف الله پاڪ جي خاص تائيد ۽ مدد ڏسو! غيبي طور تي پاڻ کي علاج ٻڌايو ويو ۽ پاڻ شفايابَ تي ويا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جهاز ٻڌڻ کان بچي ويو

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه پهريون پيرو پنهنجي والدين سان گڏ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ ويا هئا، ان وقت پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ 22 سال ۽ ڪجهه مهينا هئي. جو جو هي سفر بحري جهاز ذريعي هو، واپسيءَ تي سمنڊ ۾ 3 ڏينهن تائين سخت طوفان رهيو، طوفان ايترو ته شديد هو جو ماڻهو زندگيءَ جي اميد ڇڏي وينا هئا ۽ ڪيترن ئي ته ڪفن بہ پائي ورتا هئا. سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته: ان وقت پنهنجي والده ماجده جي بيچيني ڏسي، ڪين تسلي ڏيڻ لاءِ بي اختيار منهنجي زبان مان نڪتو: توهان اطمينان رکو، خدا جو قسم! هي جهاز نہ ٻڏندو. هاڻي ٿورو صورتحال جو تصور ڪري غور ڪريو! هڪ طرف اها حالت آهي جو ماڻهو اميدون ختم ڪري ڪفن پائي چڪا آهن ۽ ٻئي طرف سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه آهن جيڪي قسم کڻي چئي رهيا آهن ته هي جهاز نہ ٻڏندو. هي قسم اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جو ڪنيو هو؟ ان جي وضاحت ڪندي پاڻ فرمائن ٿا: هي قسم مون ان حديثِ پاڪ جي اطمينان تي ڪنيو هو، جنهن ۾ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيڻ وقت غرق ٿيڻ کان حفاظت جي دعا ارشاد ٿيل آهي، مون اها دعا پڙهي ورتي هئي، تنهنڪري حديثِ پاڪ جي سچي واعدي تي مڪمل مطمئن هئس.[1]

سُبْحٰنَ الله! قربان وڃجي سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي اهڙي ڪامل يقين

1... ملفوظات اعلیٰ حضرت، صفحہ:181، 182 خلاصۃً۔

تان. شايد هي پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ جي ان ئي ڪامل يقين جي برڪت هئي جو اهو طوفان جيڪو 3 ڏينهن ڪان جاري هو، بن گهڙين ۾ بلڪل رڪجي ويو ۽ جهاز کي نجات ملي.

اَلْبَحْرُ عَلَا وَ الْمَوْجُ طَغٰى، مَنْ لِّيْ كَسٌ و طُوفَاں ہَوْش رُبا
مَنْجْدھار میں ہُوں بِگْڑِی ہے ہَوا، مَوْرِیْ نَیَّا پَار لگا جانا(1)

وضاحت: يعني اي الله جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ! سمنڊ ۾ طوفان برپا آهي، پاڻيءَ جون لهرون بي قابو آهن، مان بي وس آهيان ۽ طوفان اهڙو جو هوش اڏائي ڇڏي. اي الله جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ! اهڙي حالت ۾ منهنجي ٻيڙي سمنڊ جي وچ ۾ ڦاسي وئي آهي، هوا به مخالف طرف جي هلي رهي آهي، هاڻي بس توهان جو ئي سهاري آهي، منهنجي ٻيڙي پار لڳائي ڇڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ مان هي چند مثال پيش ڪيا ويا، توهان اندازو لڳايو! هي ان ئي آيت سڳوري جو فيضان آهي جيڪو سنڊن پاڪ سيرت ۾ واضح نظر اچي ٿو ته:

اُولٰٓىِٕكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ (پاره: 28، سورة المجادلة: 22)

تَرْجَمو كَنْزُالْعِرْفَان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

ڪامل ايمان جي ڪوشش ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ اسان لاءِ هڪ سبق آهي، اسان کي گهرجي ته

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:43۔

پنهنجو ايمان پڪو ڪريون، الله ۽ ان جي رسول جي فرمانن تي يقين پختوڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! غيب مان تائيد ۽ مدد حاصل ٿيندي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ

ترجموڪنزالعرفان: جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو ته توهان ئي غالب ايندؤ.

يعني اي مسلمانو...!! اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا غلامو...!! غالب توهان ئي رهندؤ، بس شرط هڪ آهي: سچا ايمان وارا بڻجي وجو! الله پاڪ تي ڪامل پروسو رکڻ وارا بڻجي وجو...!! هي هڪ شرط پورو ڪيو وجي، ايمان سچو ۽ يقين پختو ڪيو وجي،

اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! مسلمان هميشه غالب رهندو.

غُلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں، نہ تدبیریں

جو ہو ذوقِ یقیں پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں[1]

وضاحت: ماڻهو جڏهن (سچو) غلام بڻجي وجي ته پوءِ نه تلوارون ڪم اچن ٿيون ۽ نه ئي عقلمندن جون تدبيرون ڪم اچن ٿيون، هي صرف يقين جو ذوق آهي، جيڪڏهن اهو نصيب ٿي وجي ته هر مشڪل جو حل نڪري اچي ٿو.

دورِ حاضر جو سڀ کان وڏو مسئلو

پيارا اسلامي پائرو! ڪاش اسان کي به اهڙو پڪو يقين نصيب ٿي وجي! اڄوڪي دور جو سڀ کان وڏو مسئلو جنهن کي اسان چئي سگهون ٿا، اهو

1... کلیات اقبال، بانگ درا، صفحہ:301۔

بي يقينيءَ جي كيفيت آهي. اڄ امتِ مسلمه مجموعي طور تي كيترن ئي قسمن جي مسئلن ۾ ڦاٿل آهي ◈ غربت عام آهي ◈ مشكلاتون آهن، هر ٻيو ماڻهو مشكلاتن جو شكار آهي ◈ لڙائي ۽ جهيڙا آهن ◈ نااتفاقي آهي ◈ دنيا ۾ كيتريون ئي جايون اهڙيون آهن جتي مسلمان ويچارا ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻيل آهن، الله پاك انهن جي غيب مان مدد فرمائي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مسلمانن تاريخ ۾ شاندار كارناما سرانجام ڏنا آهن، الله كريم مسلمانن كي وڏي شان ۽ شوكت سان نوازيو آهي پر هاڻي حالتون كجهه ٻئي قسم جون هلي رهيون آهن، ان جو كهڙو سبب آهي؟ ان تي جيكڏهن تجزيو كبو تہ شايد كيترائي سبب سامهون ايندا پر انهن سيني جو صرف هك سبب جنهن كي شايد سي كان وڏو سبب چئي سگهجي ٿو، اها **بي يقيني** آهي. پياري آقا، مكي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو عاليشان ارشاد ٻڌو! مشهور صحابيِ رسول حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت كن ٿا تہ رسولِ ذيشان، مكي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا اَخَافُ عَلٰى اُمَّتِى اِلَّا ضِعْفَ الْيَقِيْنِ يعني مون كي پنهنجي امت تي كنهن شيءِ جو خوف ناهي سواءِ يقين جي كمزوريءَ جي. (1)

هك بي حديثِ پاك ٻڌو! رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نَجَا اَوَّلُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ بِالْيَقِيْنِ وَالزُّهْدِ هن امت جا پهريان ماڻهو يقين ۽ دنيا كان بي رغبتي جي كري نجات ماڻي ويا، وَيَهْلِكُ آخِرُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ بِالْبُخْلِ وَالْاَمَلِ ۽ هن امت جي آخري دور ۾ اچڻ وارا كنجوسي ۽ ڊگهين اميدن جي كري هلاك ٿي ويا. (2)

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:24، حدیث:9۔

2... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الیقین ، جلد:1، صفحہ:19، حدیث:3۔

الله پاڪ اسان کي ڪامل ايمان ۽ پڪو يقين نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪامل ايمان جي هڪ نشاني

پيارا اسلامي پائرو! اسان آيت سڳوري ٻڌي، ربِ ڪريم فرمائي ٿو:

اُولٰٓىِٕكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَ اَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ (پاره: 28، سورة المجادلة: 22)

تَرْجَمو كَنْزُالْعِرْفَان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي.

هاڻي هن آيت سڳوري تي هڪ ٻئي رُخ کان غور ڪريو! الله پاڪ فرمايو: اُولٰٓىِٕكَ، ان جو مطلب آهي: "اُهي ماڻهو". سوال آهي ته: ڪهڙا ماڻهو؟ الله پاڪ فرمايو:

لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَوْ كَانُوْۤا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ- (پاره:28، المجادله:22)

ترجموڪنزالعرفان: تون اهڙن ماڻهن کي نه ڏسندين جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندا هجن جو اهي انهن ماڻهن سان دوستي ڪن جن الله ۽ ان جي رسول سان مخالفت ڪئي پوءِ ڀلي اهي انهن جا پيءُ يا انهن جا پٽ يا انهن جا پائر يا انهن جي خاندان وارا هجن.

يعني اي محبوبِ ذيشان، ڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جيڪو به توهان جو غلام آهي، توهان تي ايمان رکندڙ آهي، الله پاڪ ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو، ائين ٿي ئي نٿو سگهي ته هو الله ۽ رسول جي دشمنن سان دوستي

ركي. پوءِ اهي الله ۽ رسول جا دشمن ڪٽي سندس ڪيترا ئي ويجها چو نہ هجن، چاهي پيءُ هجي، پٽ هجي، ڀاءُ هجي، يا خاندان جو ڪو فرد هجي، جيڪو الله ۽ رسول جو دشمن آهي، ڪامل ايمان وارو ان سان دوستي ركي ئي نٿو سگهي ۽ جيڪو اهڙو ڪامل ايمان وارو آهي، جيڪو توهان جي دشمنن سان دوستي نٿو ركي، ان جو عشق ڪيس مجبور ڪري ٿو، جنهن جو هي نظريو هوندو آهي:

اپنا عزیز وہ ہے جسے تُو عزیز ہے | ہم کو ہے وہ پسند جسے آئے تُو پسند[1]

جيڪو اهڙو ڪامل ايمان وارو آهي، انهن کي ڪهڙن ڪهڙن انعامن سان نوازيو ويندو آهي...؟ ربِ ڪريم فرمائي ٿو:

اُولٰٓىِٕكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُؕ-وَ یُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاؕ-رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ-اُولٰٓىِٕكَ حِزْبُ اللّٰهِؕ-اَلَاۤ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (22) (پاره:28، المجادله:22)

هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي ۽ اهو انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل فرمائيندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن انهن ۾ هميشہ رهندا، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا، اُهي الله جي جماعت آهن، ٻڌو! الله جي جماعت ئي ڪامياب آهي.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ هن آيت سڳوري جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: هن آيت سڳوري ۾ صاف فرمائي ڇڏيو تہ جيڪو الله ۽ رسول جي بارگاهہ ۾

1...ذوق نعت، صفحہ:126۔

گستاخي ڪري، مسلمان ان سان دوستي نہ رکندو، جنهن جو واضح مطلب اهو ٿيو تہ جيڪو ان سان دوستي ڪندو، اهو مسلمان نہ هوندو. پوءِ هن حڪم جو بلڪل عام هجڻ وضاحت سان ارشاد فرمايو تہ پيءُ، پٽ، ياءُ، عزيز سيني کي ڳٽايو ويو، يعني توهان جي خيال ۾ ڪير بہ ڪيترو ئي معزز يا طبعي طور ڪيڏو ئي محبوب ڇو نہ هجي، جيڪڏهن ايمان آهي تہ گستاخيءَ کان پوءِ ان سان محبت نڻا رکي سگهو، ان جي وقعت نڻا ميجي سگهو، نہ تہ مسلمان نہ رهندؤ. الله پاڪ جو ايترو فرمائڻ ئي مسلمان لاءِ ڪافي هو، پر ڏسو هو توهان کي پنهنجي رحمت ڏانهن سڏي ٿو، پنهنجي عظيم نعمتن جي لالچ ڏياري ٿو تہ جيڪڏهن الله ۽ رسول جي عظمت اڳيان توهان کنهن جي پرواھ نہ ڪئي، کنهن سان تعلق نہ رکيو تہ توهان کي ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا: (1) الله پاڪ توهان جي دلين ۾ ايمان نقش ڪري ڇڏيندو، جنهن ۾ اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! سڻي خاتمي جي عظيم خوشخبري آهي تہ الله پاڪ جو لکيل نٿو مٽجي.(2) الله پاڪ روح القدس جي ذريعي توهان جي مدد فرمائيندو. (3) توهان کي هميشہ رهڻ وارين جنتن ۾ وڻي ويندو، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. (4) توهان خدا جو گروهہ سڏائيندؤ، خدا وارا ٿي ويندؤ. (5) دل گهريون مرادون ماڻيندؤ بلڪ اميد ۽ خيال کان بہ ڪروڙين درجا وڌيڪ. (6) سڀ کان وڌيڪ هي تہ الله پاڪ توهان کان راضي ٿيندو. (7) هي تہ فرمائي ٿو: مان توهان کان راضي، توهان مون کان راضي. ٻانهي لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي نعمت هوندي تہ سندس رب راضي هجي، پر ڪرم نوازيءَ جي انتها اها آهي جو فرمايائين تہ الله انهن کان راضي ۽ اهي الله کان راضي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ڪامل ايمان جي تقاضائن

1...فتاوٰی رضويہ، جلد:30، صفحہ:312 بتغير قليل۔

مان هڪ هي به آهي ته ٻانهو الله ﷻ رسول جي گستاخن، بد مذهبن ۽ بي دينن سان محبت نه رکي، انهن سان دوستيون نه ڳنڍي، انهن سان ميل جول نه ڪري، بلڪ هي پڪو ذهن ٻڌائي وڃي ته:

جو ان کا ہے ہمارا ہے، یہی دِل کو بتایا ہے
عَدُو سے اُن کے دِل کی دوستی ہونے نہیں دیتے

گستاخن لاءِ ڪا محبت ناهي

اَلْحَمْدُلِلّٰه! سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ هن وصف ۾ به وڏو ڪمال رکندا هئا. هن معاملي ۾ به الله پاڪ جي سنڊن تي وڏي عنايت هئي. پاڻ فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُلِلّٰه! مون کي ننڍپڻ کان ئي الله ﷻ رسول جي دشمنن سان نفرت آهي ۽ الله پاڪ جو فضل آهي ته هي نفرت منهنجي ٻارن جي ٻارن کي به گُهٽيءَ (سُٽيءَ) ۾ پياري وئي آهي.

گستاخ رسول لاءِ دل ۾ نفرت

هڪ پيري اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ اڪيلا گليءَ ۾ هئا، سامهون کان هڪ عربي کي ايندي ڏٺو، سنڊن عادت هئي ته اهلِ عرب جي عزت ڪندا هئا، ڪنهن عربيءَ کي ڏسندا هئا ته اٿي بيهندا هئا چو ته اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ عربي آهن. سو پاڻ عربي شخص کي ايندي ڏسي اٿڻ چاهيو پر دل ۾ ڪراهت (نا پسنديدگي) محسوس ڪيائون، دل چوي ٿي ته نه اٿو...!! اعليٰ حضرت ان کي شيطاني وار سمجهيو ۽ دل جي نه ٻڌندي اٿي بيٺا، عربي شخص سان مليا، وينا، ان سان ڳالهيون ڪيائون ته پتو پيو ته هو وڏو پڪو گستاخ رسول آهي.

فرمائن ٿا: مون ان کي پاڻ کان پري ڪيو ۽ دل کي شاباش ڏني ته اللہ ۽ رسول جي گستاخن سان اهڙي ئي نفرت رکڻ گهرجي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ به اسان لاءِ سبق آهي، اسان کي گهرجي ته اللہ ۽ رسول جي دشمنن سان دشمني ۽ دوستن سان دوستي رکون. اڄ ڪلهه حالتون مشڪل آهن، سوشل ميڊيا جو دور آهي، غير مسلم طرح طرح سان مسلمانن ۾ فتنا پکيڙي رهيا آهن، اهڙين حالتن ۾ ضروري آهي ته اسان پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪريون ۽ ان جو بهترين طريقو اهو ئي آهي جيڪو حديثِ پاڪ ۾ ڏنل آهي ته: اَلْحُبُّ فِي اللّٰهِ وَالْبُغْضُ فِي اللّٰهِ يعني جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي رکڻي آهي ته اللہ جي رضا لاءِ ۽ ڪنهن سان نفرت ڪرڻي آهي ته اها به صرف ۽ صرف اللہ جي رضا لاءِ.[2]

ڇا منهنجي دشمن سان دشمني ٻه رکي...؟

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حديثِ پاڪ ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي حساب لاءِ اللہ پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو، سوال ٿيندو: ٻڌاءِ ڪهڙا عمل ڪيا اٿئي؟ عرض ڪندو: ◈ مون فرض نمازن سان گڏوگڏ ايتريون نفل نمازون به پڙهيون ◈ رمضان جا روزا ته رکندو ئي هئس پر ان سان گڏ ايترا نفل روزا به رکيا ◈ زڪوات ته ڏيندو هئس پر ان سان گڏ ايترو نفل صدقو به ڪيو ◈ فرض حج ادا ڪيو ۽ ان کان پوءِ ايترا نفل حج به ڪيا. غرض ته هو پنهنجا نيڪ عمل ڳڻائيندو ويندو، آخر اللہ پاڪ فرمائيندو: هَلْ وَالَيْتَ لِيْ وَلِيًّا وَعَادَيْتَ لِيْ عَدُوًّا يعني ڇا تون منهنجي لاءِ منهنجي دوست سان

1...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحه:169۔

2...ابو داؤد، کتاب السنة، باب مجانبة اہل الهواء و بغضهم، صفحه:725، حدیث:4599۔

دوستي ۽ منهنجي لاءِ منهنجي دشمن سان دشمني ۾ رکي هئي؟[1]

الله! الله! غور فرمايو! ◈ نمازون ۾ آهن ◈ روزا ۾ آهن ◈ حج ۾ آهي ◈ زڪوات ۾ آهي ◈ صدقو ۽ خيرات ۾ آهي ◈ نفل عبادتون ۾ آهن، ان جي باوجود ڇالهه ان تي مڪمل ٽئي ٽي ته الله ۽ رسول جي دشمنن سان نفرت ۾ ڪئي هئي يا نه؟ معلوم ٿيو ته سڄي زندگيءَ جون عبادتون هڪ طرف ۽ الله و رسول جي محبت هڪ طرف...!! جيڪڏهن اها محبت آهي ته عبادت قبول آهي، جيڪڏهن اها محبت ناهي ته عبادت بيڪار آهي.

الله پاڪ اسان کي صحيح سمجهه ۽ ڪامل ايمان نصيب فرمائي، الله پاڪ اسان کي پنهنجي سچي پڪي محبت ۽ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ڪامل عشق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فتاويٰ رضويه موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنون جاري ڪيون ويون آهن، تازو ئي هڪ شاندار موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: فتاويٰ رضويه (Fatawa Razwia). ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ فتاويٰ رضويه جا تمام جلدَ شامل آهن ۽ هر جلد جي هينان رسالن ۽ موضوعن جي مختصر فهرست ۾ ڏني وئي آهي. ◈ فتاويٰ رضويه جا تمام رسالا (جيڪي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيچيل سوالن جي جوابن ۾ لکيا هئا)

1...ملفوظات اعلیٰ حضرت صفحہ:164و 165۔

انهن جي الڳ فهرست ۾ موجود آهي. ◈ ايپلي ڪيشن ۾ هڪ تمام بهترين فيچر ايڊوانس سرچ (Advanced Search) جو آهي، جنهن جي ذريعي پنهنجي گهربل ڳالهه تمام آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿي. ◈ جلد چونڊي ان ۾ گهربل صفحي (Page) تي وڃي سگهجي ٿو. ◈ اڪرن جي سائيز (Font Size) ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق ترتيب ڏئي سگهجي ٿي. ◈ ايپلي ڪيشن ۾ پنهنجي پسند جي ڳالهه کي نوٽس (Notes) جي فيچر ۾ لکي محفوظ ڪري سگهجي ٿو ۽ پسنديده (Favorites) لسٽ ۾ شامل ڪري شيئر (Share) ۾ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڃاڻي ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست ڇاآهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: مسجد جي چندي مان ربيع الاول جو چراغان ڪرڻ جائز ناهي.

وضاحت: اَلْحَمْدُلِلّٰه! ربيع الاول شريف جي آمد آمد آهي، الله پاڪ جو فضل آهي ته عاشقانِ رسول ربيع الاول شريف ۾ گهرن، مسجدن ۽ محلن کي سينگارينداآهن، هي سينگارڻ بلڪل جائز بلڪ ثواب جو ڪم آهي، پر هڪ مسئلو ٻڌو ۽ سمجهو ته مسجد جي چندي مان ربيع الاول جو چراغان ڪرڻ جائز ناهي. اصول هي آهي ته چندو صرف ان ڪم ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو،

جنهن ڪم لاءِ گڏ ڪيو ويو هجي. عام طور تي مسجد جو چندو چراغان لاءِ نه پر مسجد جي ضرورتن لاءِ ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري ان مان چراغان

كرڻ جائز ناهي. ها! جيكڏهن چندو گڏ كرڻ وقت ڏيندڙ كان اجازت ورتي وئي هجي ته توهان جو هي چندو ربيع الاول جي چراغان ۾ به خرچ كري سگهجي ٿو، ته پوءِ ان مان چراغان كري سگهجي ٿو. بهتر صورت اها ئي آهي ته چراغان لاءِ الڳ چندو كيو وجي ۽ چراغان ۾ جيكا به بجلي خرچ ٿئي، ان جا پئسا به ان ئي چندي مان ادا كيا وجن.[1] الله پاك اسان كي درست اسلامي احكام سكڻ ۽ انهن تي عمل كرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اسماءُ الحسنيٰ جون بركتون (وظيفو)

يَا مُنْتَقِمُ، يَا عَفُوُّ (اي سخت سزا ڏيندڙ! اي معاف فرمائيندڙ!)

الله نه كري، جيكڏهن كنهن سان دشمني هجي ۽ اها ختم كرڻ چاهيو ته 3 جمعي تائين يَا مُنْتَقِمُ، يَا عَفُوُّ گهٽي مقدار ۾ پڙهو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دشمني دوستيءَ ۾ بدلجي ويندي.[2]

الله پاك اسان كي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...دارالافتاء اہلسنت، فتوٰی نمبر:Aqs-904 خلاصۃً۔

2...مدنی پنج سورہ، صفحہ:257۔